# "ڪاڪ محل"

"پراڻي ماڻهو جو آڌار ڪري سگهو ٿا سوامي، پر منهنجو نه، ڇو؟ منهنجي اڃا آهي، اِس هاڻ هڪ پل ۾ توهان کان دور نه رهان."

"ڳهيلي نه ٿيءُ، منهنجي پشپ."

"پشپا مري ويئي، مان توهانجي لڪشمي آهيان. ڌارڻ جي لڪشمي، وشنو جي ماتا."

"هن ناريءَ جو اهوئي روپ مونکي نه وڻندو آهي، جنهن ۾ حق آهن، گهر آهي ۽ آهي سوارٿ."

"هڪ برهما اسانجي ڪک مان جنم وٺي رهيو آهي ۽ اهڙي وقت مان توهانجو ساٿ گهران ٿي، پاڻ لاءِ نه، وشنو لاءِ هڪ انمٽ پرش پيدا ڪرڻ لاءِ، پوءِ ۾ مون وٽ سوارٿ آهي؟"

"اهو سڀ تون مونکان پري رهي ۾ ڪري سگهين ٿي."

"۽ گڏ رهي ۾ نه ٿي سگهي ٿو. پري رهندي ساڳي چيز ڪلنڪ جو ٽڪو بڻجي پاسي. گڏ رهندي پراڻي ماڻهو جي شيوا جو آڌار بڻجي نظر اچي."

"اڇا ٻو هٺ نه ڪر، ٻاهر شيواڌاري تنهنجو سامان

کٽي هلڻ لاءِ سيڙ يا اپنا آهن.“

”اڄ هيءَ مهنجي من اندر ڇا ٿي رهيو آهي- پراڻات ؟“

”امڙ پاڳل، هيترا سڏڪا نه ڀرو. توهان نه ڄاڻين ٿي مهنجي دل کڙهندڙ ۾ دک نه سهي سگهندي آهي.“

”نه مهنجو هي درد کٽي وٺو پاڻ تي ناهي. کٽي وڃو نه نه ماڻ کٽي جي ۾ نه رهندس.“

”ڪوئي فڪر نه ڪر، امبڻي ۾ مهنجو ششُ رامداس سڀ ٺيڪ ڪري ڇڏيندو. مونکي دهليءَ بلڪل ضروري ڪم آهي نه نه توکي اڪيلو وڃڻ ٿي نه ڏيان ها.“

ڪيترا سڏڪا، ڪيترا ئي آزاريون ڪيون ناراڻ جي لڪشميءَ، مگر ناراڻ ديوتا کي وراڻ وشو جو سڏ ٿيو هو. هو هڪ ناريءَ جي ويدنا کي ڪيئن ڄاڻي هليو ويو.

پشپا جڏهن امبڻي ۾ ان ششن سان گڏ جي رامداس جي گهر اچي لٿي ۽ ائين ٿي هڪ عجيب شانتي جا [redacted] کان امبڻي ناثين ساڏي آئي هئي، سا لٿي پيئي. پنهنجي پتا کي اوچتو رامداس جي گهر آيل ڏسي سندس چرن ڪملن ۾ سر رکي، فقط هڪ اکر پڪاريائين، ”پاپا!“ ۽ انهيءَ هڪ اکر اندر جو اچرج کان وڌيڪ دک درد سان گڏ چوريءَ جو احساس ڀريل هو، سو

دامودرداس کان ڳجھو رهي نہ سگھيو.
اکيون سندس پشپا جي اکين هيٺان نڪتل ڪارن اڌ گولن ۾ وڃي اٽڪيون. پڇيائين، "تون ونستليءَ نہ ويٺي آهين؟"

"سوامي جن جي شيوا لاءِ نئمينتال وڃڻو پيو."

ڪنهن خوفناڪ طوفان جي اچڻ جون نشانيون نظر آيون. پشپا کي انڪري نيڻ مٿي ڪرڻ جي همٿ ٿي نہ ٿي. پر جهڪيل نگاهون بہ پاڻ جون گواهي ٿي ڏينديون.

"اڪيلي ويٺي هئينءَ نئمينتال؟"

"هڪ شش ڪوڻ آيو هو."

دامودرداس ٿڌيءَ ۾ پئجي ويو. ڪن کان پوءِ ڪنڌ جو مٿي کنيائين تہ پشپا ڏٺو سندس اکين ۾ هڪ اڇل پاڻ. "هــن کان پوءِ پڙهڻ جـــي ضرورت ڪانهي، مونسان پاڻي موٽي هلجِ. ٿڌهڙي ليکي ماءُ مري ويئي تہ پيءُ بہ مري ويو. ڪنهن کان اهــ موڪل وٺڻ جي ضرورت نہ سمجھيءَ؟"

"پر......"

"پر ڇا؟"

"پر اهي فيصلا تہ سوامي نارائڻ سروپ ڪندا آهن."

"انهي بہ آسيس وٺي ڇڏي."

پشپا کي پيءُ جو فيصلو پهاڙ جهڙو اٽل ۽ ڳــوڙو

لڳو. ڪڇڻ جي وار ڪين هئي. جيتوڻيڪ کيس اعتبار
نٿي آيو ته سوامي جن جو حڪم ٽارڻ جي دامودرداس
کي همت به نه ٿي سگهندي.

دامودر داس ڏنڊي ڏاڙيءَ جي جنهن ڪم سان
آيو هو سو ته هفتي ۾ ختم ٿي ويو، مگر هڪ عجيب
ڳالهه ٿي گذري. پشپا آڌي رات جي وڳڙي ۾
منهن تي چادر وجهي در جي چير مان ڇا رامداس ۽
سندس پتنيءَ جي وچ ۾ گفتگو ٻڌي جنهن سندس
ڪپاٽ کولي ڇڏيا.

"ڪنهن کيس ڪيو آئس"

"ڏاڍي هلنديءَ ڦلنديءَ واري ڪا جوان ودوا
آهي."

"اسين ته آهيءَ ۾ اچي سگهون ٿا؟"

"سوامي جن زبان جا اهڙا پڪا آهن جو ڪروت جا
جج نسندا ئي رهجي ويندا."

"هائو، خود پرميشور جي واڻيءَ جو واسو آهي سوامي
جن جي زبان ۾. اسين موکه جيو......"

پشپا وڌيڪ ڪجهه نه ٻڌي سگهي ليڪن سوامي
جن لاءِ رهيل کهيل شرڌا کي ختم ڪرڻ لاءِ اهڙو ئي
ڪافي هو. سندس من ۾ اڌيرتا ڏوکي آئي. رامداس
جي گهر ۾ سندس پير لڳي ٻها. سوامي جن جو آشرم
گهڻو پري ڪين هو. هوءَ ئي آرام سان ڪٽي آشرم ۾

اچي ٿي هئي. صبح جا سيٽل ڪرڻ لاءِ آشرم جي ڏور
ٻاڻ سان ڪٺي خود اي ڇنڊيءَ جو منظر ٺهجي پيا هئا.
پوءِ به آشرم جي سيٽلتا اچل هئي.

اڏي فرش تي قدم رکندي ٻاهريان ڪمرا پار ڪري
پشپا سوامي جن جي چاڪڻان واري ڪمري ۾ پهچي
وئي. چار چوڪر پون ٻڌوف ڪري رهيون هيون. پشپا
در وٽ جهڪي وئي. من ۾ آس، چوان، "پاکنڊ آهي
هي سڀ." ٻر ڪمرن جي سرد ٻندٻال فضا ڪيس ٻراڏو
ڏنو، هن سيٺي جي سوامي جن ۾ اپري شرڌا آهي،
جو ڪوئي ڀي ٻولي وشواس نه ڪندو."

پشپا چيو، "مون وٽ ڏاڍي آهي."

"برهما جي مورتيءَ کي ڪک ۾ سمائي لون الکي
سوامي جن جي پاکنڊ جي نشاني تي سڏيان؟ ڇي ڇي."
تڏيءَ اڏيءَ هوا سنڌس ڪن ۾ سر سر ڪئي. ماٺاڻي
جي فخر کان سنڌس سر اوچو ٿي ويو. ڪنڊ ۾ ويٺل
ڪاليجي پڙهندڙ ميندا تي سنڌس نظر وئي. هوءَ ٻلتي
ماري اکيون ٻوري موتئي جا گل هٿن ۾ کڻيو سوامي نارائڻ
جي مورتيءَ تي چڙهائڻ لاءِ جهليو ويٺي هئي. پشپا
جي اکين ۾ ڀي بيوس آنسو جرڪي پيا. ٻرپان رنڌڻي
مان ٻاسڻن جا آواز ٿي آيا. سڀان جاءِ ۾ به ڪن ڪماريان
شايد ڏول وغيره پڻي صاف ڪيا. پشپا جاڳي وئي ته
اڄ سوامي جن ضرور هتي اچڻا آهن. اُن جي پڪ ڀي

کري ورنائين. ليڪن ڪيس نه ٻيءَ سان گڏ ٻوني
وٺو هو. ان گاڏيءَ ۾ فقط هڪ ڪلاڪ ٿي وڃي
رهيو هو. پشپا ڏڪندي رامداس وٽ اچي پهتي.
سهڪندي چيائين، "اڄ سوامي جن اچڻا آهن." چانئنت
وٽ رامداس ٻهڪجي ننڍڙي ٻالڪ جي ننڍڙي آڱر
واٽ ۾ وٺي چوسي رهيو هو. پشپا جي اکين ۾ چمڪ
اچي وئي. ڪيس ٻهڪجي چانيءَ ۾ ڪيو سوندو محسوس
ٿيو ۽ چپ چاپ هڪ هنڌ بيٺي رهي. رامداس اچانڪ
ٻاڻ سڏيائيو، "توهانکي ڪنهن چيو نه سوامي جن اچڻ
وارا آهن؟"

پشپا کي ائين لڳو ڪانئس اها ڳالهه لڪائڻ جو جتن
ٿي ڪيو ويو. ڪيس هن سڄي ماڻهاڻ اندر، اوشواس
جي مورتي سمجهيو ٿي ويو، "ليڪن مان رڳي پشپا
نه، ٻر هڪ ماءُ آهيان" تنهن خيال ڪيس فخر جي
ڪلنگي ڏئي سيدي ڪان اوچو ڪري بيهاريو. ٿورو
تيز ئي چيائين، "رامداس! مان سوامي جن سان گڏ جڻ
چاهيان ٿي." اکرن ۾ موڪل گهرڻ جي ليزاري نه ٻر
فيصلو هو. رامداس جي آزمودگار اکين اهو سڀ پرکي
ورتي. چيائين، "ديوي! توهانسان ڪجهه ڳالهه ٻولهه
ڪرڻي آهي. اندر هلندا؟"

رامداس جواب ٻڌڻ کان اڳ ۾ ئي اڳيان هلڻ
لڳو ۽ پشپا پٺيان پٺيان. هڪ اڪيلي ڪمري ۾ اچي

اگر سر جدا لاءِ ڪم نه آئي ته انکي ڪائي پورنتا پراپت نه ٿيندي.“

”پر......“ رامداس پشپا جي راهه ۾ روڪ اڇلي. پشپا دروازي جي ڪنڊي تي هٿ رکي اڳهڙي وئي. ”ڇڏيو.“

رامداس اکيون جهڪائي هڪ هٿ جي ڏسڻيءَ سان پنهنجي هٿ جي تري لساريندي چيو، ”سوامي جن کان هيڏي غلطي پهريون ڀيرو ٿي آهي. ليڪن انلاءِ ڪجهه استريءَ جو روپ به جوابدار آهي.“

پشپا سڌو سڌو تکي نظر سان رامداس ڏانهن نهاريو. رامداس جي نظر جهڪيل هئي. سندس نراڙيءَ تي پگهر جون بوندون چمڪي رهيون هيون.

پشپا در کولي ٻاهر نڪري وئي. پنڊاري مان ڪي ڇوڪريون سس ڪيڏي نهاري سس پس ڪنديون هليون ويئون. ٿلهي فرش تي اگهيو. ڪنڌ مٿي ڪري اوستائين ڏسندو رهيو، جيستائين پشپا وڏي چانديءَ جي رنگ لڳل دروازي کان ٻاهر نه نڪري وئي.

پشپا زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو ڪنهن کي سڌو انڪار ڪري سگهي هئي. چيائين، ”اڄ توهانکي فرصت هجي ته مندر ۾ اچجو. سوامي جن سان ڪڏهن ڳالهه جي هڪ ڪاٽي ڪرڻي آهي، ؟ توهان سان گهر مونکي هلڻو ڪونهي.“

... ... ...

سوامي جن جي درشن لاءِ چڱي سنگت اچي ڀڳتي هئي. ڀيٽا جو ڏينهن به آچر ئي چڪو هو. اوچتو پشپا جي گود ۾ ننڍڙو مرونيل ٻڌو اچي پيو. لڪيل هوءَ ديوي جي ڄي مک جي ريکائن مان ڳالهه پڌري آهي جاڻ نيڻ ڪوي. سوامي جن نشڪامڪ آهن. ديوي جي اگر سنگت جي اڳيان ڪجهه به ڳالهايو ته ڪيس ٻڌو نتيجو پوڳڻو پوندو. " پشپا ڪوي ويٺي. جاڙيون ڪرڻي اڃي پيئي. ليڪن سوامي جن ڏاڍي دريتا سان همت ڪٺي ڪيس وٺهي رهڻ جو اشارو ڏنو ۽ اپديش شروع ڪري ڇڏيائين، ”من ڏاڍو چنچل آهي ۽ ڪن وقتن تي ته ٻل به آهي. اسانکي پنهنجي اندرين سوجهيءَ سان پتو پيو آهي هڪ اشتط جي ترپنا جو. ليڪن ڀڳتاءَ جا ڳوڙها بالڪا جي اکين ۾ ڏسي انتروا طي چوي ٿي، ’هن پلپل راهيءَ تي پرڀوءَ جي ديا ٿئي. مهر ٿئي ......‘“

پشپا جو ڪنڌ ذرا جهڪي رهيو هو جو اوچتو سندس نگاهه وڃي رامداس تي پيئي. رامداس ڪنڌ هيٺ ڪيو ويٺو هو هڪ ڏوهيءَ جيان! پشپا وائڙي ٿي وئي.

سنگت جو ڌيان رامداس ۾ هو. رامداس ويٺو هو ڪنڌ جهڪائي. سندس همت هڪبٺي ۾ جڪڙيل هئا پر ڌيان سڄو پشپا طرف الس اها ڳالهه پشپا جي شهوين اکين کان لڪي نه سگهي. هوءَ وري به اتي بيٺي

سندس اکين ۾ رحم ٿي پيو ڇڏهن ڇوڙ لاءِ زبان گونگي ٿي ڪولي تڏهن کان اڳ. سوامي جن چيو، "هڪ سچ جڏهن اسان جي چوڻ ڪمان ۾ اچڻي آهي، هڪ ڪلمگيڻ ۽ موڙي، هڪ ڪليا ڪاري جنهن پرانت ٿيڻو آهي، اسانجي سنگت کي......!"

پشپا پنهنجي قدمن سان هلي وڃي سوامي جن جي پرسان ائي. سندس مکه منڊل تي ڪالڪا جو رنگ ڇانيل هو ۽ هٿن ۾ هٿيس هڪ ڦول مالها. ساري سنگت اچرج مان ڏسي رهي هئي. اڄ نه ڪهڙيءَ پيرا سوامي جن ڪڏهن نه ڪنهن جوان راڌا کي سڏ ڪري پر ۾ وهاريو هو پر هن طرح پنهنجو پاڻ ئي ڪانئي ڪانه اڳتي وڌي سگهي هئي. پشپا ساريءَ سنگت کي مخاطب ٿي چيو، "اڄ مان هيءَ ور مالها......"

رامداس اٿي وڌي پشپا جي اڳيان ڪنڌ جهڪائي چيو، "مان پنهنجو ڏوهه قبول ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. توهان ور مالها جي ڪريا هن پاپيءَ تي ڪري سگهو ٿيون."

پشپا جو چهرو خون جهڙو لال ٿي ويو. چپ ڦرڪڻ لڳس. جهڪي سان رامداس جو منهن مٿي ڪري چيائين، "شش! توهان اسان سڀني جي پالڪ سمان آهيو" ۽ اڪثر ۾ ور مالها سواميءَ جي ڳلي ۾ وجهڻ واري هئي جو سنگت ۾ ڦڙ ڦوٽ پئجي ويئي ۽ سوامي جيءَ بلڪل ڏاپرج سان هٿ مٿي ڪٽي هار کي روڪي ورتو ۽ ڏاپڙي ڏپرج سان چيائين، "پالڪا کي سوامي جن جي پوڄا

آنچل تي ڪلنڪ رکڻ جو لوڀ ٿيو آهي ته اهو اکين تي آهي..."

پشپا وڙ ڪئي، "ڪير اهو وشواس نه ڪري. سوامي جن خود ئي منهنجي ٻالڪ جا پتا آهن..."

رامداس ڇرڪ سان چيو، "ٻرلڀ ناري" ۽ ڪيس ٻانهن کان ڇڪڻ لڳو ته پشپا زور سان سندس هٿ کي ٻري اڇلي ڇڏيو. "هٽي وڃ پاپي، تو ناريءَ جو ديوي سروپ ئي ڏٺو آهي، اڄ ڪالڪا سروپ به ڏسي وٺ..."

سنگت جڻ منجهي ويئي. پشپا سڀ ڪجهه وڏي ٻڪ اوچو ڪري چيو، "ڪانئر توهان پنهنجي استريءَ هوندي ٻئي جو ڏوهه پاڻ تي هموار ڪري، ڇا تو ڏيکارڻ چاهيو؟ اهوئي نه توهان سوامي جن کان اوچ آهيو؟ نيچ تو خود ئي چيو ته سوامي جن کان هيءَ غلطي ڀورائون ئي پيرو ئي آهي. منهنجي ورماليا ڪيس تو کان گهڻو اوچو ڪري ڇڏيندي."

سوامي ڪلڻ لڳو. ڏاڍي ڳوري دسرٿي آواز ۾ چيائين، "ڪانو جي وڻ سان گنگا جو جل ڇٽو ونجي ٻالڪا جو ٻاپ......"

"نه سوامي جن جو ٻاپ!" زمين تي لت هڻي پشپا چيو.

سوامي جن ڪلي رهيا هئا ته ناريءَ جي ڇل ول کان وشوامتر، شوشنڪر ۽ خود برهما به بچي نه سگهيو، سو سڀ اسين ڄاڻون ٿا. ليڪن پرش آهي پرميشور - سندس

ڏيا ميا توهان کي ضرور ٿيندي ديوي جي! ..."
سنگت مان هڪ ڇٽو همت جوڙي اڳيان وڌي آيو.
"پال برهمچاري سوامي جن جو مريد وڏو آهي
جو هن موکه ليکر جو گناهه پنهنجي مٿان کڻي الکي
داغدار ته بڻائين ته بهتر ٿيندو. هيءَ اي حيا ڇوڪري..."
"گناهه ڪنهن به نه ڪيو آهي. سوامي جن ۽ مون
گڏجي، وشنو ڪلياڻ لاءِ هڪ ديوتا کي جنم ڏنو
ڪيو آهي- انسان جي ساري سنڌرتا ۽ شڪتي سرجڻ
لاءِ آهي..." پشپا اپ ساهيءَ ۾ پنهنجي وٺي. ڪمارن
اٿي کيس پانهن کان ڇڪي عيت وهارڻ جي ڪوشش
ڪئي. هن جي نظر وري ڪمارن جي چهري تي پيئي.
هراس ۾ اچي چيائين، "مگر توهان ڪمارن جا مکه منڊل
هيٺن ڇو ڪارائجي ويا آهن؟"
"گنهگار کي سارو جهان گنهگار نظر ايندو آهي."
پٺين کي ڏوڏائيندو سوامي جن جو فيصلو گونجي اٿيو.
اوچتو سيڙهي جي اکين ڏٺو پشپا وڏي دروازي
طرف ڀڄي ويئي، جتي بيٺو هو دامودر داس. پشپا
سندس اڳيان جهڪي، وڏي واڪي چئي رهي هئي،
"آسيس ڏيو بابا! اڄ کان مان سوامي جن جي
پتني آهيان."
"تون ڪنهنجي به پتني ناهين." چوندو دامداس
ٽيو وانگر اڳيان وڌي آيو. "تون ڪالڪا آهين ته—
هتي پهدوته ـــ آهي. دامودرداس مٿان هن پاڻ—

ٿُورڪريءَ کي ڇهڻ آيو. ٺڪري وچ هتان هٽايو ڻ.“
رامداس اُٿي کڻي ٻـڌو. دامودرداس پنهنجا کـي پدهڄي
اکڻ جـي اَڏ سان هٽائي ورتـــو. هڪ وڏي شاهي
رنب ڪري چيائين، ”بابي تون آهين. بابي لدهڄو هي
باکمل آهي ۽ هيءَ ڪميا، ديوي آهي.“

”ديوي ناهي، ماتا آهي.“ رامداس ٺٺولي ۾ ڏڪار
سان چيو.

دامودرداس جي چالي ۾ ڄڻ ڀالو لڳو. ڪيڪرائي
چيائين، ”مونکي ڏيو ماچيس، اڄ هن سڄي ڪاڪ محل
کي آگ لڳائيندس. ڪٿي آهي سوامي؟“ سنگت ۾
ٿرٿوت پئجي ويئي. ماڻهن کي ڏڪا ڏومـا ڏيندو
دامودرداس اڳيان وڌي ويو. ليڪن ”سوامي جن ڪٿي
آهن... سوامي جن ڪٿي آهن“ الاهي سڏ الاهي پڙاڏا ٿيا.

سوامي جن ڪيڏانهن ويا؟
اُنهن ته پاڻکن جي دلچسپي ڪاڻ هوندي.
پر پنهنجا؟
اُن بابت ته پاڻکن جي دلين ۾ ضرور سوال اُٿندا.
آپگهات؟
اهو لٿين پگ جا پاڻڪ نه چاهيندا.
وشق ڪلياڻ جي موڙليءَ جو چمر؟
اهو ڪلڪ نه پنهنجا ۽ نه پڻس قبوليندو.
شادي؟
ها، اهوئي، جو زندگيءَ چاهيو ۽ شايد پاڻڪ ا، چاهين.